TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

هفتيوار رسالو

(اميراهل سُنت جي ڪتاب"گفتگو جا آداب" مان نائين قسط)

پهريان توريو پوءِ ڳالهايو

ڳالهائڻ کان پهريان تورڻ جو طريقو

ڳالهائڻ جو ديني ۽ دنياوي فائدو

چپ رهڻ جو طريقو

ندامت جو تمام وڏو سبب

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

ڪتاب پڑھڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڑھڻ کان پھريان ھيٺ ڏنل دعا پڑھي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڑھندا ياد رھندو، دعا ھي آھي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنھنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بیروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر ھڪ ھڪ پيرو درود شريف پڑھي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: پھريان توريو پوءِ ڳالھايو

ڇاپو پھريون: جمادي الاولي 1448ھ، نومبر 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينہ عالمي مدني مركز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنھن ڪي بہ ھي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناھي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي ھجي يا صفحا گھٽ ھجن يا بائنڈنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي وڃي تہ مكتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ مولانـا محـمـد الـياس عطـار قـادري

امير اهل سُنت

جي ڪتـاب "گفتگو جـا آداب" مـان هڪ قسط .

پهريان توريو پوءِ ڳالهايو

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: ✉ translation@dawateislami.net

فهرست

دعاءِ عطار 1

دُرُود شريف جي فضيلت 1

بي وقوف بنا سوچڻ جي ڳالهائيندو آهي 1

زبان سنياليو سپ کم سنيلجي ويندا 2

پهريان توريو پوءِ ڳالهائيو 2

ڳالهائڻ کان پهريان تورڻ جو طريقو 2

چپ رهڻ جو طريقو 4

فضول اشاري جو بہ حساب آهي 5

پهريان "توريو" بعد ۾ "ڳالهايو" جوفائدو..... 6

دهشت گردين جا فضول تذکرا 7

گهٽو ڳالهائڻ واري جي دل سخت ٿي ويندي آهي 8

حضرت امام مالک گهٽو ڳالهائڻ واري شخص کي سمجهائيندا هئا..... 8

بد معاش شريف ٿي ويو..... 8

"بسم اللّٰه" جي ست اکرن جي نسبت سان گناهن جا 7 علاج..... 10

جنهن نيڪيءَ جو ڪرڻ مشڪل هجي ان جو ثواب بہ وڌيڪ هوندو آهي 11

فضول ڳالهائڻ کان رکجي وڃي 12

جنت ۾ افسوس نہ هوندو 13

قلم جو وَيُ 13

جنّت ۾ وڃ لڳرايو! 14
درود شريف جي فضيلت 14
گفتگو کرڻ جو ديني يا دنياوي فائدو 15
سبحان الله چوڻ چورائڻ جي نيّت 15
ست سال جي عبادت کان بهتر 16
انمول گهڙين جو قدر 17
ندامت جو تمام وڏو سبب 17
وقت تلوار جيان آهي 18
سکرات ۾ تلاوت 18
جڏهن فيضان سنّت گهر ۾ داخل ٿي 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

پھريان توريو پوءِ ڳالهايو[1]

دعاءِ عطار

يا الله پاڪ! جيڪو ب مڪمل رسالو "پھريان توريو پوءِ ڳالهايو" پڙهي يا ٻڌي ونيِ اُن کي ڳالهائڻ کان پھريان تورڻ جي توفيق عطا فرماءِ، بي فائده ۽ گناهن پري گفتگو کان بچاءِ ۽ ان کي والدين ۽ خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ اُبَي بن ڪَعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو تہ: مان (ٻيا سمورا وِرد ۽ وظيفا ڇڏي) پنھنجو پورو وقت درودِ پاڪ پڙهڻ ۾ صَرف ڪندس. تنھن تي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اھو عمل تنھنجي فڪرن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ تنھنجا سمورا گناھ بخشيا ويندا (ترمذی، 207/4، حدیث: 2465ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بي وقوف بنا سوچڻ جي ڳالهائيندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عقلمند پھريان ڳالھ کي تورينڈو آهي پوءِ

[1] هي مضمون امير اهل سُنت جي ڪتاب "گفتگو جا آداب" مان ڪنيو ويو آهي.

وات مان ڪيندو آهي ۽ بيوقوف جيڪو ڪجهه زبان تي آيو ڳالهائيندو وتندو آهي، پلي ان جي ڪري ذليل ئي ڇو نه ٿيڻو پئي. جيئن ته حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماڻهن ۾ مشهور هو ته عقلمند جي زبان ان جي دل جي پويان هوندي آهي اهو گفتگو ڪرڻ کان پهريان پنهنجي دل کان پڇندو آهي يعني غور ڪندو آهي ته چوان يا نه؟ جيڪڏهن ڳالهه فائدي مند هوندي آهي ته ڪندو آهي نه ته چپ رهندو آهي. جڏهن ته بيوقوف جي زبان ان جي دل جي اڳيان هوندي آهي جو هيڏانهن يعني دل کان پڇڻ جي نوبت ئي ناهي ايندي بس جيڪو ڪجهه زبان تي آيو چئي ڇڏيندو آهي. (تنبيه الغافلين، ص: 115 سے خلاصه)

زبان سنياليو سيپ ڪم سنيلجي ويندا

جيڪو زبان کي سنيالڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، ان جا سيپ ڪم سنيلجي ويندا آهن. حضرت يُونُس بن عُبيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته جنهن جي زبان ٺيڪ رهندي آهي ان جا سيپ ڪم درست ٿي ويندا آهن.“ (احياءَ العلوم(اردو) ج: 3، ص: 339، احياءِ العلوم، ج: 3، ص: 137)

پهريان توريو پوءِ ڳالهائيو

جيئن خريداريءَ جي وقت لاغرضي سبب ڏوڪو کائڻ وارو پڇتائيندو آهي، ايئن ئي زبان کي بنا ضرورت جي هلائڻ وارو به پڇتائيندو آهي، هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پنهنجي ڳالهه کي مال جيان محفوظ رکو ۽ جڏهن (ان مال يعني ڳالهه کي) خرچ ڪرڻ چاهيو ته خوب سوچي سمجهي ڪري خرچ ڪيو.

ڳالهائڻ کان پهريان تورڻ جو طريقو

اي عاشقانِ رسول! ياد رکو! الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ زبان سان ڪڍهن به ڪو فالتو لفظ ادا نه فرمايو ۽ نه ڪڍهن ٽهڪ ڏنائون. ڪاش! خاموشيءَ جي سنّت به عام ٿي وڃي ۽ اسان جي ٽهڪ ڏيڻ يعني زور زور سان کِلڻ جي عادت به نڪري وڃي. اي ڪاش! "ڳالهائڻ" کان پهريان "تورڻ" وارا ٻڌجي وڃون. تورڻ جو طريقو هي ٿي سگهي ٿو ته هن کان پهريان جو زبان مان الفاظ ادا ٿين پنهنجي دل کان سوال ڪيو وڃي ته هن جي چوڻ جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا مان هي ڪنهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي رهيو آهيان؟ ڇا هي ڳالهه جيڪا مان ڪرڻ چاهيان ٿو هن ۾ منهنجو يا ڪنهن ٻئي جو ڀلو ۽ فائدو آهي؟ ڇا هن ڳالهه ڪرڻ ۾ مون کي ثواب ملندو؟ منهنجي ڳالهه ڪٽي اهڙي مبالغي (يعني وڌائي بيان) ڪرڻ سان پريل ته ناهي جيڪا مون کي ڪوڙ ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. ڪوڙي مبالغي جو مثال ڏيندي حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "جيڪڏهن هڪ پيرو آيو ۽ هي چئي ڇڏيائين ته هزار پيرا آيو هئس ته ڪوڙو آهي." [1] هي به سوچي ته ڪٽي مان ڪنهن جي خوشامد ۽ ڪوڙي تعريف ته نه ڪري رهيو آهيان؟ ڪنهن جي غيبت ته نه ٿي رهي آهي؟ منهنجي هن ڳالهه سان ڪنهن جي دل ته نه ڏکندي؟ ڳالهائي ڪري ندامت (شرمندگي) جي سبب رجوع ڪرڻ يا SORRY چوڻ جي نوبت ته نه ايندي؟ ٽُڪي ڪري ڇڏڻ يعني جوش ۾ چيل ڳالهه واپس وٺڻ جي ضرورت ته نه پوندي؟ ڪٽي پنهنجو يا ڪنهن ٻئي جو راز فاش (يعني ظاهر) ته نه ڪري ويهندُس؟ ڳالهائڻ کان پهريان تورڻ ۾ جيڪڏهن هي ڳالهه به سامهون آئي ته هن ڳالهه ۾ نه نفعو آهي نه نقصان ۽ نه ثواب نه گناهه تڏهن به ڳالهائڻ ۾ هڪ طرح جو نقصان آهي ڇوته زبان کي هن طرح جي

1 بهارِ شريعت، ج: 3، ص: 519

فضول ۽ بي فائده گفتگو جي لاءِ زَحمت ڏيڻ بدران جيڪڏهن ثواب جي نيّت سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) چيو وجي يا درود شريف پڙهيو وجي تہ يقيناً هن ۾ فائدو ئي فائدو آهي ۽ هي پنهنجي انمول وقت جو جنّت ۾ روني وجڻ وارو بهترين استعمال آهي، اهڙي عظيم الشّان فائدي جو ضايع ٿيڻ لازمي طور نقصان ئي آهي.

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے
میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

(وسائلِ بخشش، ص: 305)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

چپ رهڻ جو طريقو

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! فضول گوئي گناه نہ سهي پر هن ۾ محروميون ۽ نقصان موجود آهن تنهنڪري هن کان بچڻ مناسب آهي. ڪاش! ڪاش! اي ڪاش! خاموشيءَ جي عادت وجهڻ جي سعادت ملي وجي. هٿون هٽ خاموشيءَ جي نِعمت جو حاصل ٿيڻ ضروري ناهي، هن جي لاءِ خوب ڪوشش ڪرڻي پوندي. جيڪو چپ رهڻ جي عادت بنائڻ چاهي ان کي هن ڳالهه کي سنجيده وٺڻو پوندو ۽ مايوسيءَ کي پنهنجي ڊڪشنري مان ڪڍي خوب ڪوشش ڪرڻي پوندي. حضرت مُوَرِّق عِجْلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ اهڙو معاملو جنهن کي مان 20 سالن تائين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس پر حاصل نہ ڪري سگهيس پر پوءِ به ان جي طلب (يعني گهرج) نہ ڇڏي. پڇيو ويو: اها اهم شيءِ ڇا آهي؟ فرمايائون: خاموشي. [1] "خاموشي" جي عادت

1 ... الزهد للامام احمد، ص: 310، قول نمبر: 1762

بٹائڻ جي خواهشمند کي گهرجي تہ زبان هلائڻ جي بدران کوشش ڪري روزانو ضرورت جون ٿوريون گهٹيون ڳالهيون لکي ڪري يا اشاري سان بہ ڪندو ڪري، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن طرح خاموشي جي عادت بٹجي ويندي.

فضول اشاري جو بہ حساب آهي

ياد رهي تہ فضول گوئي، فضول نگاهي يعني بي فائده هيڏانهن هوڏانهن جهاتي پائڻ، فالتو مَنظَرَ (SCENES) ڏسڻ، صحيح سلامت هجن يا ٻوڙا سيني جو فضول اشارا ڪرڻ، فضول آواز ڪيڻ وغيره وغيره سيني جو قيامت جي ڏينهن حساب آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه "دعوتِ اسلامي" جي طرفان نيڪ بٹائڻ واري رسالي: "نيڪ اعمال" ۾ 53 نمبر "نيڪ عمل" آهي: چا اَڄُ توهان زبان کي فضول استعمال (يعني اها گفتگو جنهن سان ديني يا دنياوي فائدو نہ هجي) کان بچائڻ جي عادت بٹائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ اشاري سان گفتگو ڪئي (خوش قسمتي جو! روزانو گهٹ ۾ گهٹ چار ڀيرا لکي ڪري ۽ گهٹ ۾ گهٹ ٽي ڀيرا اشاري سان گفتگو ڪئي هجي) خاموشيءَ جي عادت بٹائڻ جي ڪوشش دوران هيئن بہ ٽي سگهي ٿو تہ فضول ڳالهين کان بچڻ جي ڪوشش ۾ ڪجهہ ڏينهن ڪاميابي ملي پر ٻيهر وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ جي عادت پهريان جيان ٽي وجي، جيڪڏهن ايئن ٽي بہ وجي تہ همّت نہ هاريو، بار بار ڪوشش ڪريو، جذبو سچو هوندو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪاميابي ضرور حاصل ٿيندي. جيئن تہ عربي مَقولو (يعني ڪهاوت) آهي: اَلسَّعْيُ مِنِّي وَالْاِتْمَامُ مِنَ الله يعني ڪوشش منهنجي طرفان هوندي ۽ ڪم الله پاڪ مڪمل ڪندو. هڪ ٻيو عربي مَقولو آهي: مَنْ جَدَّ وَجَدَ يعني جنهن ڪوشش ڪئي ان ماڻي

ورتو. خاموشي جي عادت بڻائڻ جي مَشق (PRACTICE) ڪرڻ دوران پنهنجو چهرو مُسڪرايل رکڻ مناسب آهي ته جيئن ڪنهن کي هي نه لڳي ته توهان ان کان ناراض آهيو تڏهن ته منهن "سُڄايو" آهي. خاموشيءَ جي ڪوشش جي ڏينهَن ۾ ڪاوڙ وڌي سگهي ٿي لهٰذا جيڪڏهن توهان جو ڪو اشارو نه سمجهي سگهي ته هرگز ان تي ڪاوڙ جو اظهار نه ڪيو جو ڪٽي ناحق دل آزاري وغيره گناه نه ڪري ويهو. اشاري وغيره سان گفتگو صرف انهن سان مناسب رهندي آهي جنهن سان توهان جي ذهني سوچ ملندي هجي، نه ته اڻ واقف ماڻهو ٿي سگهي ٿو ته اشاري وغيره جي گفتگو سمجهي نه سگهي ۽ توهان کان ناراض ٿي وڃي، لهٰذا ان سان ضرورت آهر زبان سان ڳالهه ٻولهه ڪري ونو. ڪجهه صورتن ۾ زبان سان ڳالهائڻ واجب به ٿي ويندو آهي مثال طور ملاقاتي جي سلام جو جواب زبان سان ڏيڻ وغيره. هي به ياد رهي ته سلام به اشاري سان نه زبان سان ڪرڻو آهي. هن کان علاوه به ڪيئي موقعا اهڙا آهن جنهن ۾ زبان سان ئي ڳالهائڻو پوندو. اهڙيءَ طرح والدين ۽ گهر جي ٻين ماڻهن کي به تَشوِيش (پريشاني) ٿيندي هجي ته ضرورتاً زبان سان گفتگو ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پهريان "توريو" بعد ۾ "ڳالهايو" جو فائدو

انسان جيڪڏهن ڳالهائڻ کان پهريان "تورڻ" يعني غور ڪرڻ جي عادت وجهي ته ٿي سگهي ٿو ان کي پنهنجون ڪيئي فضول ڳالهيون پاڻ ئي محسوس ٿيڻ شروع ٿي وڃن! صرف "فضول ڳالهيون" هجن ته توڙي جو گناه ناهن پر ڪئي طرح جا نقصان ان ۾ موجود آهن

مثال طور انهن ڳالهين ۾ زبان هلائڻ جي زحمت هوندي ۽ قيمتي وقت برباد ٿيندو آهي. جيڪڏهن ايتري دير ذِكرُ الله، درود شريف جو ورد يا ديني مطالعو ڪيو وجي، يا ڪا سنّت بيان ڪئي وجي ته ثواب جو انبار (يعني ڍير) لڳي وجي ۽ فضول ڳالهين جو هڪ تمام وڏو نقصان هي آهي جو قيامت جي ڏينهن انهن جو حساب ٿيندو.

دهشت گردين جا فضول تذڪرا

مَعاذَ الله ڪٽي دهشت گردين جون واردااتون ٿي ويون ته بس ماڻهن کي **فضول بلڪ ڪجهه صورتن ۾ گناهن پري بحث** جي لاءِ هڪ موضوع هٿ اچي ويو! هر هنڌ ان جو تذڪرو، اجايا اندازا لڳائڻ، فضول تبصرا، اندازي سان ڪنهن به پارٽي يا ليڊر وغيره تي تهمت هڻي ڇڏڻ وغيره. ڪڏهن ڪڏهن هي گفتگو ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجڻ جو باعث، افواهون گرم هئڻ جو سبب ۽ هنگامو ٿيڻ جو "ڪارڻ" به بڻجي سگهن ٿيون، ڏماڪن ۽ دهشت گردين جون واردااتون ٻڌڻ ٻڌائڻ سان نفس کي خوب دلچسپي ٿيندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن چپن تي دعائيہ الفاظ هوندا آهن پر دل جي گهرائين ۾ خوف زده خبرون ٻڌڻ ٻڌائڻ جي ذريعي حَظ (يعني مزو) ونڻ ۽ لطف اندوز ٿيڻ جو جذبو لڪيل هوندو آهي، ڪاش! نفس جي هن شرارتن کي سجاڻي اسان دهشت گردين ۽ ڏماڪن جي تذڪرن ۾ دلچسپي ونڻ کان رکجي وجون. ها مظلوماڻي شهادت ماڻڻ وارن جي لاءِ دعاءِ مغفرت، زخمين ۽ مُتاثر مسلمانن جي همدردين، خدمتن ۽ امن ۽ سلامتي جي دعائن کان پاسو نہ ڪيو وجي جو هي ثواب جا ڪم آهن. بس جڏهن به هن طرح جي گفتگو ڪرڻ ٻڌڻ جي صورت پيدا ٿئي ته پنهنجي دل تي غور ڪرڻ گهرجي ته اسان جي نيّت ڪهڙي آهي؟

جيڪڏهن سڀ نيّت هجي تہ تمام پلو آهي پر اڪثر هن قسم جي گفتگو جو حاصل لذت ماڻڻ ئي پاتو ويندو آهي.

گهٽو ڳالهائڻ واري جي دل سخت ٿي ويندي آهي

حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کان منقول آهي تہ الله پاڪ جي ذڪر کان علاوه ڪا بہ ڳالهہ ڪثرت سان نہ ڪريو نہ تہ توهان جون دليون سخت ٿي ويندیون ۽ سخت دل (وارو انسان) الله پاڪ کان پري هوندو آهي پر توهان کي هن جو علم نہ آهي. (تنبيه الغافلين، ص: 118)

حضرت امام مالڪ گهٽو ڳالهائڻ واري شخص کي سمجهائيندا هئا

افسوس! اڄڪلهہ جيڪڏهن ڪو "بَڪ بَڪ" ڪندو آهي تہ ڪجهہ ماڻهو ان جي ها ۾ ها ملائيندا ۽ ڪلي ڪري ان جي حوصلا افزائي ڪري رهيا هوندا آهن. ياد رکو! اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم دل ۽ زبان بنهي ۾ سچا هوندا هئا. جيئن تہ ڪروڙين مالڪين جا عظيم پيشوا حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن ڪنهن شخص کي گهٽو ڳالهائيندي ڏسندا ها تہ ان کي فرمائيندا ها: "پنهنجون ڪجهہ ڳالهيون پاڻ وٽ بہ روڪي رکندا ڪريو (يعني گفتگو گهٽ ڪندا ڪريو)." (تنبيهُ المغترين، ص 190)

بدمعاش شريف ٿي ويو

اي الله پاڪ جي رضا جا طلبگارؤ! جيڪو واقعي سڌرڻ چاهي ٿو ان کي دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول ۾ اچڻ گهرجي. هڪ نهايت ئي پياري "مدني بهار" پيش ڪئي ٿي وڃي ، ٻڌو ۽ جهومو: دعوت اسلامي سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان ڪراچيءَ جي هڪ نوجوان جو اٺڻ ويهڻ نامي گرامي ڏوهارين سان هو، بري صحبت رنگ ڏيکاريو

ءِ هي "بدمعاش گينگ" ۾ شامل ٿي ويو. ماٹھن کي مارڻ ڪٽڻ، گاريون ڏيڻ ڇاڻي واڻي جھڳڑو ڪرڻ ان جو معمول بڻجي ويو، هي پاڻ وٽ اَسلِحو به رکڻ لڳو. ڪارن ڪرتوتن جي ڪري ان کي ڪو منھن نہ لڳائيندو هو. گھر وارا، عزيز ءِ مٽ مائٽ، علائقي وارا سيئي ان کان بيزار هئا. اُن غفلت جي نند مان سڃاڳي ڪجھ هيئن نصيب ٿي جو سندس علائقي ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، "دعوتِ اسلامي" سان وابسته هڪ بزرگ اسلامي ياءُ رهندو هو، عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ سان ان جي محبت جو اندازو هن ڳالھ سان لڳائي سگھجي ٿو تہ هو لياقت آباد (عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي کان ويجھو هڪ علائقي) کان پيادل نمازِ فجر پڙھڻ فيضانِ مدينہ ايندو هو. جڏھن ان بزرگ اسلامي ياءَ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي گناھن کان پري رھڻ ءِ نماز پڙھڻ جي تلقين ڪئي تہ ان جو کين تي اھڙو اثر ٿيو جو ان نماز شروع ڪري ڏني. هڪ ڏينھن مسجد ۾ ان جي دعوت اسلامي جي هڪ ذميدار اسلامي ياءُ سان ملاقات ٿي وئي جنھن جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ هي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن پري اجتماع ۾ تشريف کڻي آيو. هتي سنّتن جون بھارون هيون، دورانِ اجتماع ٽيڻ واري بيان ان کي تڙپائي ڇڏيو. اجتماع ۾ سيني ملي ڪري ذڪر الله ڪيو ان کي دلي سڪون مليو. اجتماع جي برڪت سان نيڪي جو اھڙو جذبو دل ۾ جاڳيو جو هي دعوتِ اسلامي جو ٿي ڪري رهجي ويو. بدمعاشي ءِ ٻين گناھن کان توبھ ڪري ورتي. درسِ فيضانِ سنّت به ڏيڻ لڳو. سندن زندگيءَ ۾ اچڻ واري تبديلي ماٹھن جي لاءِ حيرت جو باعث هئي. ڪجھ ماٹھو ڳالھيون ڪندا ءِ ڪجھ ڏينھن جو شوق جو طعنو ڏئي ڪري دل ٽوڙيندا ها پر هي خاموشيءَ سان ٻڌي ونندو هو ءِ دل ۾ عھد ڪري

ورتو ھو تہ پلي ڪجھ بہ ٿي وجي مان ديني ماحول نہ ڇڏيندُس. گناھن کان پاسو اختيار ڪري **نيڪ اعمال** ڪرڻ جي برڪت سان ان جي رزق ۾ برڪت ٿيڻ لڳي، الحمد لله ان کي علاقائي مُشاورت جي نگران جي حيثيت سان ديني ڪمن جون ذومون مچائن جي سعادت پڻ ملي.

سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللّٰہ — تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول
بہت سخت پچھتاؤ گے یاد رکھو — نہ عطار تم چھوڑنا مدنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص: 646)

"بسم الله" جي ست اکرن جي نسبت سان گناھن جا 7 علاج

الحمد لله دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ جي برڪت سان توبھ تائب ٿي بيشمار بي نمازي نمازي ۽ گناھن جا عادي شريعت ۽ سنّت جا پابند بڻيا. ھر شخص کي ھي بابرڪت ديني ماحول ضرور اپنائڻ گھرجي. الله ربُّ العزّت جي رحمت سان ڪيئي ذڪر و اذڪار اھڙا بہ آھن جيڪي گناھن کان بچڻ جو سبب بڻجي سگھن ٿا. ھتي ست اَوْراد پيش ڪيا پيا وڃن:

(1) يَاعَفُوُّ: ڪثرت سان پڙھندو رھڻ سان دل ۾ گناھن کان نفرت پيدا ٿي ويندي آھي.

(2) يَامُحْصِيُ: سمھڻ وقت سيني تي ھٿ رکي ڪري ست ڀيرا پڙھندا ڪريو اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! عبادت ۾ دل لڳندي.

(3) يَابَاعِثُ: عبادت ۾ دل لڳڻ جي لاءِ سيني تي ھٿ رکي ڪري سمھڻ وقت 100 ڀيرا پڙھو اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! گناھن کان نفرت ٿي ويندي.

(4) يَاقَهَّارُ: هلندي قرندي ورد ڪندي رهڻ سان دنيا جي محبت دور ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت پيدا ٿيندي آهي.

(5) اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم: شيطان کان محفوظ رهڻ جي لاءِ روزانو 10 ڀيرا پڙهو.

(6) يَامُحْيِي يَامُمِيتُ: بنا حساب جنّت ۾ داخلا جي لاءِ هر نماز کان بعد سيني تي هٿ رکي ڪري 7 ڀيرا پڙهي ڪري سيني تي دم ڪريو. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! بريون عادتون به ڇڏجنديون ۽ عبادت ۾ دل به لڳندي.

(7) يَابَاطِنُ: هر نماز کان بعد 100 ڀيرا پڙهو اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! وسوسن ۽ برن خيالات کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو.

نوٽ: هر عمل جي اوّل ۽ آخر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف ضرور پڙهو. ورد شروع ڪرڻ کان پهريان ڪنهن سنّي عالمِ دين يا قاري صاحب کي ٻڌائي ڪري درست مَخارج سان پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جنهن نيڪيءَ جو ڪرڻ مشڪل هجي ان جو ثواب به وڌيڪ هوندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فضول ڳالهين جي عادت ڪڍي ڇڏڻ واقعي مشڪل ترين عمل آهي، پر هي ڳالهه به وڏو حوصلو ڏيندڙ آهي ته جنهن جي لاءِ فضول ڳالهين جي عادت ڪڍي ڇڏڻ جيترو مشڪل آهي ايترو ئي ان کي ثواب به وڌيڪ ملندو آهي. جيئن ته سخت سرديءَ ۾ وضو ڪرڻ جي باري ۾ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن

سخت سرديءَ ۾ وضو ڪيو ان جي لاءِ ٻيٽو (دبل) اجر آهي. (جامع صغير، ص: 512، حديث: 8398) اهڙيءَ طرح تڪليف سان قرآنِ پاڪ پڙهڻ واري جي باري ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جيڪو شخص رڪجي رڪجي قرآن پڙهندو آهي ۽ اهو ان تي ڏکيو آهي يعني ان جي زبان آسانيءَ سان ناهي هلندي، تڪليف سان ادا ڪندو آهي، ان جي لاءِ به اجر آهن." (مسلم، ص: 312، حديث: 1862) پڻ پنهنجي خواهش تي ٻين کي ترجيح (يعني فوقيت ۽ برتري) ڏيڻ واري جي باري ۾ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي ڪري پاڻ تي ڪنهن (ٻئي) کي ترجيح ڏي، تہ الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي." (اتحاف السادة ج: ص: 779) تنهنڪري اي عاشقانِ رسول! جيتوڻيڪ دل تہ هي چاهيندي آهي تہ اسان ڳالهائيندا ئي وجون، پر اسان گهٽ ڳالهائڻ جي عادت وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ ضرور ثواب ماڻيندا سين. (اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!)

حضرت ابراهيم بن اَدهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "جيڪو نيڪ عمل دنيا ۾ جيترو مشڪل هوندو، قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل (يعني اعمال تورڻ جي ساهمِي) ۾ اوترو ئي وزن دار هوندو." (تَذكرةُ الاولیا جزء: 1، ص: 95 ملخصاً)

فضول ڳالهائڻ کان رڪجي وڃي

حضرت رَكّب مِصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪو عيب نہ هڻڻ جي باوجود تَواضُع اختيار ڪري، ۽ مسڪينيءَ جي بغير پاڻ کي ذليل سمجهي، ۽ پنهنجو جمع ڪيل مال نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪري، مفلس ۽ مسڪين ماڻهن تي رحم ڪري ۽ علم ۽ حڪمت

وارن ماڻهن سان ملڻ جلڻ رکي، ۽ خوش بختي آهي ان جي لاءِ جنهن جي ڪمائي پاڪيزه هجي، باطن سنو هجي، ظاهر بزرگي وارو هجي ۽ ماڻهن کي پنهنجي شَر کان محفوظ رکي، ۽ سعادت مندي آهي ان جي لاءِ جيڪو علم تي عمل ڪري، پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ مال کي راه خدا ۾ خرچ ڪري ۽ فضول گوئي کان رکجي وجي.

(معجم کبير، ج: 5، ص: 71، حديث: 4616)

جنت ۾ افسوس نه هوندو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي وقت جي قدر سڃاڻڻ ضروري آهي، اجايو وقت گذرڻ کيڏي وڏي نقصان جي ڳالهه آهي اهو هن حديث پاڪ مان سمجهيو جيئن ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”اهلِ جنّت کي ان گهڙيءَ کان سواءِ ڪنهن شيءِ تي افسوس نه ٿيندو جنهن ۾ هو اللّٰه پاڪ جو ذڪر نه ڪري سگهيا هئا.“ (معجم کبير، ج: 20، ص:93، حديث: 182)

شرح حديث: حضرت علّامه علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي هن حصي: ”اهلِ جنّت“ جي وضاحت ۾ لکن ٿا: جنّتين جو هي افسوس قيامت جي ڏينهن جنّت ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان ٿيندو چوته جنّت ۾ ندامت ۽ افسوس نه ٿيندو. (حرزثمين شرح حصن حصين، ص: 209)

عُمر راضائع مَکُن دَر گفتگو يادِ اُو کُن يادِ اُو کُن يادِ اُو

يعني پنهنجي عمر فضول گفتگو ۾ ضايع نه ڪريو، يادِ اُو يعني ان (اللّٰه) کي ياد ڪندا رهو.

قلم جو وَيُ

حضرتِ سُليم رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (وفات: 447هجري) جو قلم جڏهن لکندي لکندي گسي ويندو هو ته قلم جي چهنب ناهڻ جي لاءِ چلينديِ (توڙي

جو سڀ نيّت سان ديني تحرير جي لاءِ هي به ثواب جو ڪم آهي پر هڪ ڪم مان به فائدا جي مصداق) ذڪر الله شروع ڪري ڇڏيندا هئا ته جيئن هي وقت صرف قلم جي ڇهنب ناهڻ ۾ خرچ نه ٿئي!

(ابنِ عَساكِر ج:72، ص:260)

جنّت ۾ وڻ لڳرايو!

يقيناً وقت نهايت ئي قيمتي آهي ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته جيڪڏهن توهان چاهيو ته هن دنيا ۾ رهندي صرف هڪ سيڪنڊ ۾ جنّت جي اندر هڪ وڻ لڳرائي سگهو ٿا ۽ جنّت ۾ وڻ لڳرائڻ جو طريقو به نهايت ئي آسان آهي جيئن ته هڪ حديث پاڪ جي مطابق هنن ڇئن ڪلمن مان جيڪو به ڪلمو ڇئو جنّت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو. اُهي چار ڪلما هي آهن: (1) سُبْحٰنَ الله (2) اَلْحَمْدُ لِلّٰه (3) لَا اِلٰهَ اِلَّا الله (4) اللّٰهُ اَكْبَر. (ابن ماجه، 4، ص: 252، حديث: 3807)

درود شريف جي فضيلت

پيارا پيارا اسلامي پائرو! ڏٺو توهان! جنّت ۾ وڻ لڳرائڻ ڪيتري قدر آسان آهي! جيڪڏهن بيان ڪيل ڇئن ئي ڪلمن(يعني الفاظن) مان هڪ ڪلمو (يعني لفظ) ڇئو ته هڪ ۽ جيڪڏهن چار ئي ڇئو ته جنّت ۾ چار وڻ لڳي ويندا. هاڻي توهان ئي غور فرمايو ته وقت ڪيترو قيمتي آهي جو زبان کي معمولي حرڪت ڏيڻ سان جنّت ۾ وڻ لڳي ويندا آهن ته اي ڪاش! اجايي ڳالهين جي جڳهه تي سُبْحٰنَ الله سُبْحٰنَ الله ڇئي ڪري اسان جنّت ۾ تمام گهڻا وڻ لڳرائيندا ڪريون يا هي به ٿي سگهي ٿو ته چاهي بينا هجون، هلي رهيا هجون، وينا هجون يا ڪو ڪم ڪار ڪري رهيا هجون يا ليٽيا پيا هجون ته پيرَ سميٽي اسان

درود شريف پڑهندا رهون تہ هي بہ نهايت ئي ثواب جو ڪم آهي. رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جنهن مون تي هڪ پيرو درود شريف پڑهيو الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، ڏهہ گناهہ مٽائيندو آهي، ڏهہ درجات بلند فرمائيندو آهي.“ (نَسائي، ص: 222، حديث: 1294)

بيٹھتے اٹھتے، جاگتے سوتے ہوالٰہی! مرا شِعار دُرُود

(ذوقِ نعت، ص: 74)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

گفتگو ڪرڻ جو ديني يا دنياوي فائدو

اي عاشقانِ رسول! ڪيڏو سنو ٿئي جو ڳالهائڻ کان پهريان هن طرح تورڻ جي عادت پئجي وڃي تہ هي ڳالهہ جيڪا مان ڪرڻ چاهيان ٿو ان ۾ ڪو ديني يا دنياوي فائدو بہ آهي يا نہ؟ جيڪڏهن هي ڳالهہ فضول لڳي تہ ڳالهائڻ جي بدران ڪاش! ”اللهُ اللهُ“ چوڻ يا درود شريف پڑهڻ نصيب ٿي وڃي تہ جيئن گهٽو ثواب هٿ اچي. يا پوءِ سُبْحٰنَ اللهِ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ يا اللهُ اَكْبَر يا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چئي ڪري جنّت ۾ وڃ لڳرائڻ جي سعادت ملندي رهي.

سبحان الله چوڻ چورائڻ جي نيّت

ياد رهي! بَطورِ تَعَجّب يا بَطور حوصلہ افزائي اللهُ اَكْبَر يا سُبْحٰنَ اللهِ! وغيره چوڻ تي بہ ثواب ملندو آهي پر ذِكْرُ اللهِ جي نيّت بہ شامل ڪئي وڃي تہ وڌيڪ ثواب ملندو. ڪڏهن ڪڏهن مبلّغ ۽ نعت خوان حاضرين کي چوندا آهن: ”چئو! ”سُبْحٰنَ اللهِ“ هي چورائڻ بہ ثواب جو ڪم آهي ۽

جيڪو چئي اهو به ثواب جو حقدار. بهرحال جيڪڏهن چورائڻ وارا ثواب جي نيّت سان ايئن چون ته وڌيڪ بهتر آهي ته "ذِكْرُ الله" جي نيّت سان چئي: "سُبْحٰنَ الله" هن تي جيڪو به ذِكْرُ الله جي نيّت سان سُبْحٰنَ الله چوندو ان جو ثواب وڌي ويندو.

حضرت علّامه عَيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات: 855 هجري) فرمائن ٿا: ڪنهن شيءِ تي تعجّب جي وقت اللهُ اَكبر ۽ سُبْحٰنَ الله چوڻ مستحب آهي. (عمدة القاری، ج: 15، ص: 335) حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "مِرآت" ۾ فرمائن ٿا: جيڪو به سُبْحٰنَ الله يا اَلْحَمْدُ لِلّٰه يا اللهُ اَكبر يا لَا اِلٰهَ اِلَّا الله ڪهڙي طرح به چئي ته نفلي صدقي جو ثواب ماڻيندو توڙي جو ذكرُ الله جي نيّت سان چئي يا ڪنهن حاجت جي لاءِ وظيفي طور هي الفاظ پڙهي يا عجيب ڳالهه ٻڌي ڪري سُبْحٰنَ الله وغيره چئي يا خوشخبري ٻڌي ڪري اَلْحَمْدُ لِلّٰه پڙهي. بهرحال ثواب ملندو چوته الله جو نالو ونڻ بهرحال (يعني هر حال ۾) عبادت آهي (مرآت،ج: 3، ص: 98) مطلب ته هر طرح جو ذكر ۽ اذكار ۽ اوراد و وظائف، تلاوتِ قرآن ڪرڻ ۽ درود ۽ سلام پڙهڻ ۽ عبادتِ مَحْضَه (يعني خاص عبادت جي ڪمن) تي الڳ سان ثواب جي نيّت نه هجي تڏهن به ثواب ملندو آهي ۽ جيڪڏهن ثواب جي نيّت ڪري ونون ته ثواب وڌي ويندو.

ذِکر و دُرُود و ہر گھڑی وِردِ زَباں میری فُضُول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

ست سال جي عبادت کان بهتر

جيڪڏهن ڪجهه پڙهڻ جي بدران چپ رهڻ تي دل چئي ته ان ۾ به ثواب ڪمائڻ جون صورتون آهن اهي هي ته فضول خيالات ۾ پوڻ

جي بدران ماڻهو خدا جي ياد يا مديني جي ياد يا مصطفٰي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ گُم ٿي وڃي. يا علمِ دين ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ شروع ڪري ڏي يا موت جي سختين، قبر جي اڪيلائي، ان جي وحشتن ۽ محشر جي هولناڪين جي سوچ ۾ ٻڏي وڃي ته هن طرح به وقت ضايع نه ٿيندو بلڪ هڪ هڪ ساه اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عبادت ۾ شمار ٿيندو. جيئن ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: (آخرت جي ڪمن جي باري ۾) گهڙي گن جي لاءِ غور ۽ فڪر ڪرڻ 60 سال جي عبادت کان بهتر آهي. (جامع صغير، 365، حديث: 5897)

اُن کی یادوں میں کھو جایئے　　مصطفٰے مصطفٰے کیجئے

انمول گهڙين جو قدر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! زندگي جا ڪجهه ڏينهن ڪلاڪن سان ۽ ڪلاڪ منٽن سان گذري رهيا آهن، زندگيءَ جو هر ساه انمول هيرو آهي، ڪاش! هڪ هڪ ساه جو قدر نصيب ٿي وڃي ته ڪٽي ڪو ساه غيرضروري ڪمن ۾ نه گذري ۽ قيامت جي ڏينهن زندگي جو خزانو خالي ڏسي ڪري اشڪِ ندامت (يعني شرمندگيءَ جا لڙڪ) نه وهائڻا پون! صد ڪروڙ ڪاش! هڪ هڪ سيڪنڊ جو حساب ڪرڻ جي عادت پئجي وڃي ته ڪهڙيءَ طرح گذري رهيو آهي، ڪاش! اهڙو مقدر هجي جو زندگيءَ جي هر هر گهڙي فائدي جي ئي ڪمن ۾ خرچ ٿئي. قيامت جي ڏينهن وقت کي فضول گفتگو، چرچن ۾ گذاريل ڏسي ڪري ڪٽي افسوس جا هٿ ملينديءَ نه رهجي وڃون!

ندامت جو تمام وڏو سبب

صحابيءِ رسول حضرت سيّدُنا عبد الله ابنِ مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن

ٿا: ”مان پنهنجي زندگيءَ جي گذريل ان ڏينهن جي مقابلي ۾ ڪنهن شيءِ تي نادِم (يعني شرمندو) ناهيان ٿيندو جيڪو ڏينهن منهنجي نيڪ اعمال وڌڻ کان خالي هجي.“

وقت تلوار جيان آهي

حضرت امام شافِعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: وقت تلوار جيان آهي توهان ان کي (نيڪ اعمال جي ذريعي) ڪٽيو نه ته (فضوليات ۾ مشغول ڪري) هي توهان کي ڪٽي ڇڏيندو. (لواقع الانوار القدسية، ص: 83)

سڪرات ۾ تلاوت

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڪرات جي وقت قرآنِ پاڪ پڙهي رهيا هئا، انهن کان پڇيو ويو: هن وقت به تلاوت؟ ارشاد فرمايائون: منهنجو اعمالنامو ويڙهيو پيو وڃي ته جلدي جلدي ان ۾ نيڪيون وڌائي رهيو آهيان. (صيد الخاطر، ص: 227) اَللّٰهُ ربُّ الْعِزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جڏهن فيضان سنّت گهر ۾ داخل ٿي

الله اڪبر! دنيا مان رخصتي وقت به قرآنِ پاڪ جي تلاوت جو جذبو! الله ڪريم اسان کي به قرآنِ ڪريم جي تلاوت جو شوق عطا فرمائي. اٰمين. تلاوت جو جذبو ماڻڻ ۽ گناهن جي عادتن کان جان ڇڏرائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته رهو ۽ مڪتبةُالمدينه جي اسلامي ڪتابن جو مطالعو ڪريو توهان جي ترغيب جي لاءِ عرض آهي ته ساهيوال (پنجاب) جي هڪ اسلامي ياءُ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان دنيا جي رنگينن ۽ گناهن جي

وادين ۾ پٽڪي ويو هو، نمازون قضا ڪرڻ، ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ ٻين ڪوڙ ڪبيره (يعني وڏن وڏن) گناهن جو سلسلو جاري هو، انهن جي زندگيءَ ۾ اصلاح جو سامان ڪجهه ايئن ٿيو جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ماسات سندن گهر آيو، انهن جو سادو پر ديني لباس ڏسي ڪري گهر وارا انهن سان مُتَاثِر ٿيا، انهن گهر وارن کي دعوتِ اسلامي جي مدني بهار ٻڌائي جنهن سان دعوتِ اسلاميءَ جي محبت گهر وارن جي دل ۾ سمائجي وئي، وڌيڪ هي ته انهن هڪ ڪتاب به تحفي ۾ ڏنو جنهن جو نالو "فيضان سنّت" هو، جڏهن ان اسلامي ياءُ ۽ ان جي گهر جي ٻين ماڻهن ان ڪتاب جو مطالعو ڪيو ته سندن گهر ۾ مُثبَت تبديليون اچڻ لڳيون ۽ هڪ وقت آيو جو سڄو گهراڻو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويو، ڪجهه ڏينهن کان بعد جڏهن ان اسلامي ياءُ دعوتِ اسلامي جي سنّتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ته الحمدللّٰهِ الڪريم ان جي برڪت سان کين پنهنجي چهري تي سنّت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي ۽ عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو، وڌيڪ ڪرم هي ٿيو جو نه صرف پاڻ ان اسلامي ياءُ جامعةُ المدينه ۾ دَرسِ نظامي ۾ داخلا ورتي بلڪ انهن سان گڏ ٻن پينرُن به جامعةُ المدينه (گرلز) ۾ درسِ نظامي جي لاءِ داخلا ورتي.

اي عاشقانِ سنّتِ مصطفٰي! تحفو ڏيڻ ۽ قبول ڪرڻ سنّت آهي، فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: تَهَادَوْا تَحَابُّوا يعني "هڪٻئي کي تحفو (گفٽ.GIFT) ڏيو محبت وڌندي." (مؤطا، ج: 2، ص: 407، حديث: 1731) هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو گفٽ (GIFT) ڏيڻ سان محبت وڌندي آهي ۽ جيڪڏهن تحفو ديني ڪتاب جو هجي ته محبت سان گڏوگڏ عِلْمِ دين ۾ اضافو به ٿي سگهي ٿو. لهٰذا ٿي سگهي ته دعوتِ اسلامي جي

مڪتبةُ المدينہ کان اسلامي ڪتاب خريد ڪري پنهنجي عزيزن ۽ دوستن کي تحفو پيش ڪريو، پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ، شادي غمي جي محفلن ۾ ۽ بين تقريبات ۾ ورهايو، نہ صرف ورهايو بلڪ پاڻ بہ انهن ڪتابن جي مطالعي کي پنهنجو معمول بڻائي ونو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! علمِ دين جو ڏيرون ڏير خزانو حاصل ٿيندو.

عمل کا ہو جذبہ عطا یا الٰہی — گناہوں سے مجھ کو بچایا الٰہی
سعادت ملے درسِ ”فیضانِ سُنَّت“ — کی روزانہ دو مرتبہ یا الٰہی

(وسائلِ بخشش، ص: 102، 103)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

يا رَبَّ المُصطَفٰي! اسان کي فضول ڳالهين کان بچڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد


جھوٹ




مجھی گفتگو کیجئے




فضول باتوں




فون کال گفتگو کیجئے





اچھا
برائی سُننے
کے فائدے




زبان کی حفاظت
کی اہمیت



ايندڙ هفتي جو رسالو



فیضانِ مدینہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڈي ڪراچي

0313-1139278 +92 21 111 25 26 92

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net